# سنڌيءَ جا ناول -
# سنڌي ساهتيہ ۾ اضافو

– گوبند مالهي.

هنن پنجاهہ سالن ۾ سنڌي ساهتيہ جي هر شاخ ترقيءَ جي راهہ تي آهي. البت هر شاخ جي ترقيءَ جي رفتار ساڳي نہ آهي. منهنجي راءِ پٽاندڙ ڪهاڻي ۽ شعر وڌيڪ تکيون وکون کنيون آهن. مان ان راءِ جو بہ آهيان تہ ناول ايترو پنتي نہ آهي جيترو نقاد سمجهندا آهن ۽ مان اها راءِ انڪري نٿو رکان جو منهنجا گهڻي ۾ گهڻا ناول ڇپيا آهن ۽ ڪن نقادن جي راءِ ۾ ڪافي معياري آهن. ۽ سچ پچ تہ مان اِها زيادتي سمجهندو آهيان جو ناول جي ترقيءَ جي صحيح ماپ نٿي ڪئي وڃي ۽ هڪ جنرل رمارڪ ڏنو ٿو وڃي تہ ناول اڃا ٻاروتڻ ۾ آهي.

منهنجي ايماندارانہ راءِ اِها آهي تہ ڪافي ناول سچ پچ معياري آهن ۽ کي تہ سنڌي ساهتيہ ۾ سنو اضافو آهن. اهڙن ڏورن ۽ سچ پچ سٺن ناولن ۾ سندريءَ جا هيءُ ٻئي ناول سنڌي ساهتيہ جي زينت آهن، سندريءَ لاءِ ئي نہ، پاٺڪن ۽ آلوچڪن لاءِ فخر جو باعث آهن.

سندريءَ جي ٻنهي ناولن ’ڪرنڌڙ ديوارون‘ ۽ ’پريت پراڻي - ريت نرالي‘ ۾ سواسير ڪهڙو آهي؟ ان ٻنهن جي سوال جو جواب ڏيڻ کان اڳ مان پهرين الڳ الڳ اوک ڊوک ڪندس ۽ پوءِ ٻنهي جي ڀيٽ ڪندس. پوءِ مونکي پڪ آهي پاٺڪن لاءِ منهنجو جواب ڇٽو ٿي بيهندو - دليلن سان.

’ڪرنڌڙ ديوارون‘ بابت پنهنجو کي ٻُڌڻ کان اڳ مان ٽن بزرگ اديبن جي راين مان اُهي ٽڪرا ٿو ڏيان جن سان مان سهمت آهيان. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي نظر ۾، ’هيءُ ناول سنڌ مان لڏپلاڻ واري وقت سان شروع ٿئي ٿو .... بمبئيءَ ۾ اچڻ سان ريکا کي، مڙس جنتا جي شيوا ۾ هڻڻ سبب، گهربل پيار نٿو ڏئي .... آخر مرد منجهس سماجڪ شعور پيدا ٿو ڪري ۽ هوءَ مڙس سان ٻانهن ٻيلي ٿي سچي جيون ساٿڻ ٿي بڻجي .... گهرو جيوت جا نظارا سهڻا چٽيل آهن. نائڪا جو چرتر بلند آهي ۽ ٻولي بہ چيدي ۽ زناني اصطلاح سان پريل آهي.‘ مان پروفيسر رام پنجواڻيءَ سان شامل راءِ آهيان تہ ’ڪرنڌڙ ديوارون‘ هڪ سنو سماجڪ ناول آهي، جنهن ۾ ليکڪا سليس ٻوليءَ ۽ عمدي عبارت ۾ پنگتي مسئلن جي چڱي چنڊ ڇاڻ ڪئي آهي.‘

لتي پٽي مان تيرٿ بسنت جيان سمجهان ٿو تہ، ’ليکڪا انڌڪار ۾ روشنيءَ جو ترورو آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن لاءِ ڏنيواد هجيس ... ناول ۾ جنهن گهريتو ٻوليءَ ۾ هڪ اثر پذير نؤورنيءَ جي نازڪ احساسات جو چٽر چٽيو اٿس ۽ اُن سان گڏ سنڌين جي سقيم ۽ افسوسناڪ حالت جو ورنن ڪيو اٿس، تنهن مان سندس ساهتڪ ڪلا خواهہ سماجڪ وهنوار جي چٽي ڄاڻ جو اندازو لڳائي سگهجي

تو.'

منهنجي پنهنجي راءِ ۾ 'ڪرنديون ديوارون' ورهاڱي کان ڪي سال اڳ ۽ لڏپلاڻ جي ڪي سال پوءِ تائين جي سنڌي جيون جي صحيح ۽ ذري گهٽ مڪمل ترجماني ٿو ڪري. اُن زماني جي صحيح تاريخ جڏهن به لکي ويندي تڏهن ڪن بين ناولن سان سندريءَ جو هيءُ ناول به تاريخ نويسن کي اُن وقت جي جيون جي سچي حقيقت بيان ڪرڻ ۾ ڪارآمد ٿيندو. مان ان کان به وڌيڪ مارڪسواد تي هيءُ سنڌيءَ ۾ عيوضي ناول ٿي نه، عيوضي رچنا جي سڌانت کي ڪلاتمڪ طور طريقي سان واضع ڪري ٿو. انهن نقادن کي اثرائتو جواب آهي جي سموري ترقي پسند ساهت تي نعري بازيءَ جو غلط الزام لڳائيندا آهن. ڪلا زندگيءَ لاءِ اُصول جو لڳ ڀڳ مڪمل عمل آهي، هيءُ ناول.

منهنجي نظر ۾ هن ناول جي وڏي ۾ وڏي خوبي اِها آهي ته هر واقعو ۽ هر اوسر سهج سڀاءَ بيان ڪيل آهي. ڪٿي به ڊراما يا جذبات جي ضرورت کان وڌيڪ اپٽار کان ڪنارو ڪيو ويو آهي. ليکڪا پنهنجي مهِتا کي پڙهندڙن کي زوريءَ مڃائڻ جي ڪا ڪوشش نه ڪئي آهي. ڪردار ۽ واقعا پنهنجي سر هلندا ۽ ٿيندا رهيا آهن، وقت ۾ وقت زماني جو انهن تي اثر نمايان آهي.

گفتگو ڪردارنگاريءَ سان ٺهڪندڙ آهي - سندريءَ کي زناني ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي سڃاڻ آهي، گهريلو ڇوٽين ڦبائڻ جو ڏانءُ به آهي. البت ڪن ڪن هنڌن تي ڇوٽيون ماحول ۽ ڪردارنگاريءَ سان جچن نٿيون. گفتگوءَ جو هڪ ٻئي هنڌ مونکي نقص ڪَٽڪيو. ننڍڙو گوپ پهرئين پيري وڏن کان وڌيڪ وڏو ۽ سياڻن کان وڌيڪ سياڻو ٿو لڳي. ٻئي پيري هن جي گفتگوءَ ۾ ٺهر آهي. سياويڪ به ٿي لڳي. گفتگوءَ ۽ ڪردارنگاريءَ ۾ گهٽي ۾ گهٽو ميزان چندن ۾ آهي. بلڪل ٿورن هنڌن تي انڊر ائڪٽنگ ۽ اوور ائڪٽنگ جا نشان ٿا ملن. اوور ائڪٽنگ تي ضابطو هن جي ڪردارنگاريءَ جي خصوصيت آهي. ريکا هڪ ٻن هنڌن تي ڪردارنگاريءَ جي لڇمڻ ريکا کان ٻاهر نڪري ٿي وڃي. گلاب جو ڪردار پنهنجي رول سان ايترو نٿو نباهي، جيترو نباهڻ کپيس. گفتگوءَ ۾ ته هوُ گهڻن هنڌ ڦسلجي ٿو. ساراه جوڳي ڳالهه آهي ته ڪوبه ڪردار ڦلهڙو نه آهي. البت گل ماءُ سَنئي ٽڪر خاطر ئي گلاب ۽ ديويءَ سان رهي ٿي، مونکي اهو فيصلو هن جي هيل تائين سڀاءَ ۽ جيئڻ جي طور طريقي ڪري اڻ سياويڪ لڳو. هيرو اهم ڪردار ٿي، اهميت سان گهٽ وڌ ٿو نباهي. گلاب ۽ چندن جي نرالپ جي چندن طرفان سمجهاڻي به گهٽ ٿي جچي.

ناول جو تاڃي پيٽو يعني پلاٽ جي اوسر سياويڪ ۽ سلسلي وار آهي ۽ اها وڌيڪ سڻي انڪري به ٿي لڳي جو ليکڪا اُها مڙهي نه، صرف پنهنجي ڪلاتمڪ طريقي سان بيان ڪئي آهي..

هڪ سوال ناول پوري ٿيڻ بعد منهنجي من ۾ اُٿيو، 'ليکڪا ڪٿي اٽڪيءَ

سڏانت سان ڪلاتمڪ نموني نباهي ٿو تہ ’پريت پراٽي - ريت نرالي‘ ۾ انساني زندگيءَ جي وشالتا ۽ ينتا فني نموني، ڪردارن جي زباني، چٽي ويئي آهي، انڪري اُها وڌيڪ وڻندڙ بہ ٿي لڳي ۽ اثردار بہ. ضمير متڪلم ۾ ڪردارنگارن جي ٻوليءَ ۾ رواني بہ آهي تہ اُها ڪردارنگاريءَ سان ٺهڪندڙ بہ آهي. اجا بہ بهتر ائين چوڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو تہ اُها ڪردارن جي نجي شخصيت کي وڌيڪ واضع ٿي ڪري ۽ باهمي رشتن، اتفاقن ۽ نفاقن کي وڌيڪ چٽو بہ ٿي ڪري.

ها، ٽنهي ڪردارن ۾ موتيءَ سان گويا پاسخاطري ڪئي ويئي آهي ۽ نارائڻ جي ڀومڪا جي اهميت سان ڪنهن حد تائين بي انصافي ٿي ويئي آهي. در حقيقت مکيہ ٽن پاترن کي جڏي ٻيا سڀ ڪردار رول تہ نباهن ٿا پر انفراديت برقرار رکي نٿا سگهن. البت هنن جي گوناگونيت برقرار آهي. هونءَ بہ ڪردارن، واقعن ۽ زندگيءَ جي پهلوئن جي وشالتا، ينتا ’ڪرندڙ ديوارون‘ جي ڀيٽ ۾ ’پريت پراٽي، ريت نرالي‘ ۾ وڌيڪ آهي. ها، ’حق جي لڙائي‘ ڪرندڙ ديوارون ۾ وڌيڪ اهم بہ آهي تہ وڌيڪ چٽي بہ آهي.

منهنجي نظر ۾ پريت تہ پراٽي آهي، آد جڳاءَ کان آهي، سدا جاوادن آهي، پريت جا رنگ نرالا بہ ٿيندا آهن پر هت ريت نرالي نہ آهي، بيان ڪرڻ جو نوع نرالو آهي. مکيہ ڪردارن، ڇنجي ڪٽي نارائڻ جو انيؤ بہ نرالو آهي، پوءِ بہ عنوان ۾ نراليءَ جو مفهوم جيترو نرالو جتايو ٿو وڃي، اوترو نرالو نہ آهي. پوءِ بہ پڙهندڙ جي رچي قائم رکڻ جهڙو آهي ۽ رچي قائم رکي بہ ٿو.

عام طرح اثر وينل يا وهاريل آهي تہ ’ڪرندڙ ديوارون‘، ’پريت پراٽي - ريت نرالي‘ کان بهتر آهي ۽ اُن جي ڇاپ کي پويون ناول گهٽائي نٿو. مگر مان ملڪاڻي صاحب ۽ تنوير عباسيءَ سان شامل راءِ آهيان تہ پريت پراٽي - ريت نرالي، ڪرندڙ ديوارون جي ڪاميابيءَ تي اضافو آهي. نمايان اضافو. شايد ڀهرئين جي جلد پٽ وڃڻ بعد ٻئين ڀهرئين جي ڪاميابيءَ ۾ پنهنجي بهتر ڇاپ لڪائي ڇڏي آهي. گڏ پڙهڻ سان ٻنهي جي بلند معيار جي ڊگري ٻنهي جي ڪڇ ماپ ۾ بلڪل چٽي ۽ لوهہ محفوظ ٿي ٿي وڃي.

مون اڳہ بہ ڪٿي ظاهر ڪيو آهي تہ سندريءَ کي ناول لکڻ جي ڏانءَ کي ڪڏهن ڪڏهن ظاهر ڪرڻ کپي ۽ هاڻي تہ هيڪاري اِها هجت ٿو هلان تہ سندريءَ جي قلم مان نئون ناول اچڻ ئي کپي، جلد ۽ بس.

★ ★ ★

## پوپٽي هيراننداڻيءَ

## جا ٻہ ڪتاب

١- سچ ٿا مرد چون (٤٠ روپيا)
٢- شاهہ لطيف جو شعر (٤٠ روپيا)

# سندري اُتمچنداڻيءَ جا ناول

— نور افروز خواجه.

منهنجي هن مضمون جو واسطو صرف سندريءَ جي ناولن جو جائزو پيش ڪرڻ آهي. انهيءَ ڪري سندس ناولن تي روشني وجهان ٿي. سندريءَ جي لکڻ ۾ هڪڙو ئي ريئلزم حقيقت وارو اسٽائيل اهو آهي جنهن جي لاءِ هوءَ خود به محسوس ڪري ٿي ته ڪو به حساس دل فنڪار هن نئين زماني جي حقيقتن کي ڪيئن نه محسوس ڪري سگهندو آهي. اهي تبديليون هر فنڪار جي رت ۾ شامل هونديون آهن، جيڪي سندس لکڻين ۾ اچي وڃن ٿيون. مثلا جيئن هوءَ خود انهيءَ جي باري ۾ چوي ٿي ته:

'مون ٽيڪنڪ جاڻي ٻجهي ناهي اپنائي. مون نواڻ کي پنهنجو پاڻ اچڻ جي حد تائين رکيو آهي ۽ اها آئي به آهي ڇاڪاڻ ته ڪجهه نه ڪجهه پڙهبو ۽ سوچبو رهجي ٿو. هڪ لڳاتار بدلجندڙ وايو منڊل به رهي ٿو ۽ ان ۾ پيدا ٿيندڙ واقعن جي نوعيت به بدلجندڙ ۽ نئين هجي ٿي. انهيءَ ڪري ضروري آهي ته اظهار به ان خاص صورتحال مطابق هجي، ته اهي سڀ ڳالهيون ملي ڪري هڪبئي يا تبديليءَ طرف وٺي وڃن ٿيون. منهنجي ڪهاڻين ۾ به جائز ۽ سياويڪ حد تائين اهي تبديليون آيل آهن.'

سندريءَ جي ناولن ۾ خاص طور تي هن جاگيرداري نظام جي ڪري سنڌي عورت سان ٿيندڙ ڏاڍ ۽ ظلم کي پنهنجو موضوع بڻايو آهي ۽ انهن جي خلاف تمام گهڻي جدوجهد ڪئي. جيئن اُنهيءَ جي باري ۾ هوءَ خود وڌيڪ وضاحت پيش ڪري ٿي ته:

'سنڌي عورتن کي جنهن نموني ڏاڍ ۽ جهالت جو شڪار بڻايو ويو هو، مان ان سان جنگ جوٽڻ چاهيان ٿي. سنڌي عورت مان ڏاٻن، ٽوٽڻ، وهمن، وسوسن جا اڏنگا خيال ڪڍڻ چاهيان ٿي.'

انهيءَ کان علاوه سندس ناولن جا موضوع گهريلو آهن. جن ۾ گهريلو ماحول ۽ پيار ۽ محبت شامل آهن. سندري پيار ۽ محبت کي، جيڪو هڪ پراڻو جذبو آهي پر وقت به وقت روپ مٽائيندو رهي ٿو، انهيءَ موضوع کي ڏاڍي سلجهيل ۽ سهڻي طريقي سان پنهنجن ناولن ۾ پيش ڪيو آهي.

ورهاڱي کانپوءِ سندس پهريون طبعزاد ناول 'ڪرندڙ ديوارون' ۱۹۵۳ع ۾ شايع ٿيو، جيڪو هڪ مکيه ۽ ڪامياب ناول آهي. هي هڪ گهريلو ناول آهي. هن ناول ۾ شادي ۽ گهريلو ماحول ۾ زال ۽ مڙس جي هڪبئي جي لاءِ عزت ۽ همدردي ڏيکاريل آهي. هن ناول ۾ لڏپلاڻ کانپوءِ سنڌ مان هندستان ۾ لڏي ويلن جي حالتن ۽ انهيءَ وقت جي معاشي ۽ اقتصادي حالتن جو ذڪر ڪيل آهي. ورهاڱي کانپوءِ سنڌين جو هندستان لڏي وڃڻ کانپوءِ سڀ کان وڏو اهم مسئلو روزگار جو هو. ان وقت

دولت جو پوڄاري آهي، پنهنجو گهر ڇڏي آفريڪا ڪمائڻ خاطر وڃي ٿو، سندس زال ديوي آهي، جيڪا شاهوڪار مائٽن جي ڌيءَ آهي. چندن آهي جنهن جي دل ۾ غريب مزدور ۽ هاريءَ جو درد آهي. هو پنهنجو سڀ ڪجهه غريبن جي ڀلائيءَ لاءِ قربان ڪري ڇڏي ٿو. هو جيل جون تڪليفون سهي ٿو، بکون به ڪاٽي ٿو. ايتري حد تائين جو سندس سهڻي ۽ خوبصورت زال ريکا جيڪا ڏاڍي نازڪ نفيس آهي، انهيءَ کي مزدورن کان به گهٽ اهميت ڏئي ٿو. هوءَ پنهنجي مڙس جي پيار لاءِ واجهائيندي رهي ٿي. هوءَ پنهنجي مڙس ۽ سس جي سک ۽ آرام لاءِ هر ڏک، تڪليف ۽ طعنا برداشت ڪندي رهي ٿي ۽ نيٺ پاڻ به پنهنجو پاڻ کي گند جي ڍيرن ۽ ڪکائن جهڳين ۾ رهندڙ ڪمزور ڪارن ڪوجهن پيٽ بکين انگ اگهاڙن انسانن جي ڀلائيءَ لاءِ وقف ڪيو ڇڏي. تڏهن اوچتو کيس پيار جي لاثاني دولت ملي وڃي ٿي. هن سچي ناول جو مقصد خاص طور تي زال ۽ مڙس جو هڪٻئي سان ٻانهن ٻيلي ٿي سچو جيون ساٿي بڻجڻ آهي. هن ناول کي سندري تمام عمدي نموني ۾ پيش ڪيو ويو آهي. انهيءَ ڪري هي ناول عوام ۾ تمام گهڻو مقبول ٿيو آهي. هن ناول ۾ ڳوٺاڻي زندگيءَ جا نظارا تمام سهڻي نموني چٽيا ويا آهن. هن ۾ خاص ڪري سورميءَ جو ڪردار ڏاڍي اثرائتي نموني پيش ڪيو آهي. سندري پنهنجي ناولن ۾ عورت جي آزاديءَ متعلق به تمام گهڻو لکيو آهي ۽ انهن کي هن مختلف ڪردارن ۾ واضح ڪيو آهي مثلاً جيئن هوءَ لکي ٿي:

’عورت کي پوري آزادي هجڻ کپي. هن لاءِ ائين سمجهڻ ته کيس هٿ هيٺ رکڻ ئي درست ڳالهه آهي، ائين ڪونهي عورت کي اسان ڪهڙي چيز (شيءِ) نه سمجهون. عورت به انسان آهي، هوءَ به مرد جي برابر آهي. جيڪڏهن مرد زندگيءَ ۾ اِنجواءِ ڪري ٿو ته عورت به پنهنجي زندگي اِنجواءِ ڪري سگهي ٿي. مرد ملڪي ۽ سياسي ڪمن ۾ حصو وٺي ٿو، ته عورت به حصو وٺي سگهي ٿي. هن کي صرف اهو سمجهڻ ته هوءَ رڳو ماني پچائڻ لاءِ پيدا ٿي آهي يا رڳو اسان جون چيزون آهن ته اها انسان دشمني آهي، ظلم آهي. اڄ جي دور ۾ عورت کي چيز نه سمجهيو وڃي ته بهتر آهي ۽ نه ئي هن کي پالتو جانور سمجهيو وڃي. عورت جي عزت ۽ عظمت کي برقرار رکيو وڃي اهو ئي سندس هن ناول جو مقصد آهي، جنهن کي هن سهڻي ۽ خوبصورت ٻوليءَ ۾ بيان ڪيو آهي.

انهيءَ ڪانپوءِ ١٩٥٦ع ۾ سندريءَ جو ٻيو ناول ’پريت پراڻي، ريت نرالي‘ جيڪو اجنتا ساهت مالها وارن شايع ڪيو، هن ناول جو موضوع پڻ عنوان وانگر انوکو آهي. پيار هڪ پراڻو ازلي ۽ همگير جذبو آهي. پر وقت به وقت روپ مٽائيندو رهي ٿو. انهيءَ موضوع کي سندري تمام سلجهيل ۽ سهڻي طريقي سان پيش ڪيو آهي. انهيءَ ڪانسواءِ ڪردارن جو به

موضوع سان لڳاءُ نهي اچي ٿو. ’نارائڻ ۽ سرلا‘ ٻئي رجائي آهن پر سندن رجائيت نہ ڪو جذباتي الهڙپڻو آهي ۽ نہ ئي وري مٿاڇري ۾ ڏيکاريءَ واري نہ ڪو اهي نهيل ٺڪيل (ريڊيميڊ) ڪردارن جي سانچي مان نڪتل آهن جن جو ڏنڊو روزگار، انقلاب ۽ ترقي پسندي هوندي آهي. سيئي ڪردار فطري سلجهيل، حقيقت پسند ۽ متوازن ذهن جا مالڪ آهن. انهيءَ ڪري ناول جو موضوع ۽ ڪردارن جو بہ ان سان لاڳاپو مليل رهي ٿو. هن ناول جي باري ۾ تنوير عباسي پنهنجي هيءَ راءِ ٿو پيش ڪري تہ :

’هيءَ ناول سندريءَ جي بهترين تخليق آهي، هن ۾ ڪردارن جي نفسياتي ڪيفيتن جو چٽو ۽ باريڪ مطالعو پيش ڪيو ويو آهي. سيئي ڪردار فطري سلجهيل حقيقت پسند ۽ متوازن (نارمل) ذهن جا مالڪ آهن. انهيءَ ڪري ناول جو موضوع ۽ ڪردارن جو ان سان لاڳاپو رهي ٿو.‘

هن ناول ۾ ٽي ڪردار پيش ڪيل آهن ۽ ٽنهي ڪردارن جي نفسياتي ڪيفيتن جو چٽو ۽ باريڪ مطالعو ڪيو ويو آهي. ’موتي‘ تعليم يافتہ پر بزدل نوجوان آهي. جمنا هڪ ڳوناٽي پر مڙس جي وفادار عورت آهي ۽ ’سرلا‘ تعليم يافتہ پر ڏاڍي سمجهہ واري ۽ همت واري ڇوڪري آهي. ناول جي هرهڪ واقعي ڏي ٽنهي جو ردعمل نرالو آهي. هر ڪردار جي واتان ساڳين واقعن کي مختلف نموني ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

انهيءَ ڪري ناول جي ٽيڪنيڪ دلچسپي سان گڏوگڏ انوکائي پڻ پيدا ٿي پئي آهي. مثلا : موتيءَ جي شاديءَ جو واقعو موتيءَ سرلا ٻنهي جي واتان بيان ڪرايو آهي ۽ سهڻي فنڪاريءَ سان موتي ان واقعي کي پنهنجي نقطہ نظر سان ڏسي ٿو ۽ ٻنهي جي سوچڻ ۽ محسوس ڪرڻ جي طريقي ۾ وڏو فرق آهي ۽ وري سندريءَ جو طريقو اهڙو آهي جو پڙهندڙ جي آڏو ٻنهي جي شخصيت جون اندروني ڪيفيتون اڀري اچن ٿيون ۽ ٻنهي سان همدردي پيدا ٿي وڃي ٿي.

هن ناول جي ڪهاڻي هن ريت آهي تہ حيدرآباد نئشنل ڪاليج ۾ هڪ حسين سمجهدار ڇوڪريءَ کي هڪ ڇوڪرو پيار ڪري ٿو، جنهنجو نئين زماني جي ڪن زنده دل جوانن وانگر شاديءَ ۾ اعتبار ڪونهي. پر پوءِ زبردستي پنهنجي پيءُ جي دڙڪن کان ڊڄي هو هڪ ٻي پوري سوري (جهڙي تهڙي) ڇوڪريءَ سان شادي ڪري ڇڏي ٿو. ورهاڱي کانپوءِ بمبئيءَ ۾ اها ڇوڪري (هيروئن) هڪ سلڇڻي، آزاد خيال جوان سان پيار ڪري ٿي ۽ پنهنجي پراڻي پريميءَ کي وساري ڇڏي ٿي ۽ نئين پريميءَ سان شادي ڪرڻ چاهي ٿي. ايستائين ’پريت پراڻي ريت نرالي‘ بلاشڪ هئي چاڪاڻ تہ اڄڪلهہ جون عقلمند ڇوڪريون بيوفا پريميءَ سان وفادار ٿي ستي ساوتري ڪونہ ٻڌبيون آهن، پر ٻيو ڪو لائق ۽ سٺو پريمي ڳولهي سٺي زندگي گذاريندڀون آهن. پر جڏهن اهو پراڻو پريمي بمبئيءَ ۾ اچي زال مرڻ جو ڪوڙو

